# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2008
# SINDH ACT NO.I OF 2008
# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) ايڪٽ، 2008
# THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ACT, 2008
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1989 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.XI of 1989

3. 1989 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي ترميم
Amendment of Sindh Act No.XI of 1989

4. 1989 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.XI of 1989

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2008

# SINDH ACT NO.I OF 2008

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) ايڪٽ، 2008

## THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ACT, 2008

[30 اپريل 2008]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1989 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.XI of 1989

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايو ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (bb) ختم ڪئي ويندي.

1989 جي سنڌ

3. سموري ايڪٽ ۾، لفظ "گورنر" لاءِ لفظ "حڪومت"

| | |
|---|---|
| متبادل ٿيندو. | ايڪٽ نمبر XI جي ترميم<br>Amendment of Sindh Act No.XI of 1989 |
| 4. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (2) هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(2) چيئرمين يا ميمبر پنجن سالن جي واحد مدي لاءِ عهدو رکندو، ان تاريخ کان جنهن کان هن عهدو سنڀاليو هجي؛ بشرطيڪ حڪومت پنهنجي بيان ڪيل طريقيڪار موجب ڪميشن جي ٻيهر جوڙجڪ ڪري سگهي ٿي ۽ چيئرمين ۽ ميمبرن کي ٽيهن ڏينهن جي عرصي لاءِ ٻيهر مقرر ڪري سگهي ٿي، ان تاريخ کان جڏهن کان هي ذيلي دفعہ لاڳو ٿئي.". | 1989 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of Section 4 of Sindh Act No.XI of 1989 |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |